ڊاڪٽر مخمور بخاري

# ڊاڪٽر عطا محمد 'حامي' جي
# خيرپور جي ميرن بابت ٽيل تحقيق جو جائزو
# Analysis of Dr. Atta Muhammad Hami's Research on Talpurs of Khairpur Miras


***Abstract:***

*Atta Muhammad Hami was a well-known poet, translator, and researcher of Sindhi literature. His works on various topics, including the political situation of the Talpur rulers of Upper Sindh, their social life, habits, customs, education, scholarly, literary services, geography, and archaeology of Khairpur, have been presented as comprehensive and important research.*

*This article examined the research presented by Dr Atta Muhammad Hami on the Talpurs of Khairpur Mirs' role in literature, culture, and politics. The research study will emerge as authentic research in terms of culture and literature and contribute more to the field of knowledge.*


## تعارف:

انساني تاريخ جي سفر ۾ ڪيترائي ماڻهو وقت بہ وقت پنهنجي ذات، ڏانءُ، فڪر ۽ حوصلي سان ڏيهہ ڏيهہ ۾ خوشبوءِ ڦهلائيندا رهندا آهن. اهڙن سچ پچ وڏن ماڻهن ۾ ڊاڪٽر عطا محمد 'حامي' جو بہ شمار ٿئي ٿو جنهن جو مذهب انسان، انسانيت ۽ محبت هو. هن خود چيو هو:

ڪنهن سان بہ ڪائنات ۾ ڪُلفت نٿا رکون
مذهب اسان جو آهي محبت خدا گواهہ
(حداد،1986 :40)

سو ان محبت جي مذهب جي پوئلڳ جو جيڪو بہ علمي توڙي عملي ڪردار آهي سو انسان جي ڀلائي، بهتري، بهبود ۽ ترقي خاطر آهي ۽ هن ان جي حاصلات لاءِ پنهنجي پوري حياتي وقف ڪري ڇڏي هئي. اهڙي انسان جي اندر جذبن، احساسن ۽ ڪيفيتن جو هڪ

---

• اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

انوکو جهان ساھہ ڪٽندو رهندو آهي ۽ پوءِ ئي هو ان کي اظهاري ٿو: رنگن سان، لفظن سان، ٿهڪن سان يا ڪڏهن ڪڏهن لڙڪن سان!!

عطا محمد ’حامي‘ ائين تہ گھڻ رُخي شخصيت جو مالڪ هو. هن سياست بہ ڪئي تہ هڪ ذميوار استاد جي حيثيت بہ مجرائي تہ ساڳي وقت سماج سڌار بہ هو تہ ذميوار لفظ شناس، شاعر ۽ مترجم بہ، تہ گڏوگڏ محقق ۽ تاريخدان پڻ! هن جي تحقيق جا بہ مکيہ موضوع رهيا. هڪ سچل سرمست ۽ ٻيو رياست خيرپور. سچل سائينءَ بابت هڪ ڪتاب ترتيب ڏنائين ’سچل سرمست‘ جي نالي سان ۽ اُن ڪان بہ اڳتي سرمست جي فارسي مثنوين جو منظوم ترجمو بہ ڪيائين (جيڪي ’نيهن جا نعرا‘ جي عنوان سان شايع ٿيون) ۽ درازي شاھہ جي حياتي توڙي فڪر بابت 8 مقالا بہ لکيائين (راقم اُنهن مقالن کي سهيڙي ’سچل سرمست جو آفاقي پيغام‘ جي سِري سان شايع ڪرايا). ساڳي وقت رياست خيرپور بابت سندس تحقيقي مقالا شايع ٿيل آهن. ان ڪان سواءِ مير علي نواز خان ’ناز‘ جو ڪلام بہ سهيڙيائين جيڪو شايع ٿي چڪو آهي. ان ڪان بہ اڳتي سندس اهم تحقيقي ڪم پي - ايچ - ڊي جي ٿيسز آهي، جنهن جو عنوان آهي: ’خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو‘. هي ڪم پرپور علمي تحقيق ۽ تخليقي ثمر جو نتيجو آهي. حامي صاحب هن ڪم کي مڪمل ڪرڻ ۾ زندگيءَ جو وڏو حصو صرف ڪيو، تنهن ڪان پوءِ ئي هن اسان کي اُن موضوع تي هڪ جامع ۽ مستند تاريخ ڏني. سچ پچ سندس اهو هڪڙو ئي ڪم سچل جي مثنوين جي ترجمي جيان ڪيس سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سدا لاءِ جياري ويو آهي.

هنن صفحن ۾ حامي صاحب جي اُن ڪم جو مطالعو ڪنداسين پر ان ڪان پهرين سنڌ ۾ ميرن بابت لکيل، ڇپيل ڪن اهم تذڪرن، تاريخن جو مختصر تعارف بہ ڪرائڻ ان لاءِ ضروري آهي تہ جيئن هن موضوع تي ڊاڪٽر عطا محمد جي تحقيق جي اهميت جو اندازو لڳائي سگھجي.

**رياست خيرپور:** مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب کي مالا مال ڪرڻ خاطر هر موضوع تي قلم ڪنيو، اُن ئي سوچ تحت هن رياست خيرپور جي هڪ جامع تاريخ لکڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس هي تحقيق ويهن بابن ۾ ورهايل آهي، جنهن ۾ سنڌ تي ڪلهوڙن جي زوال ۽ ميرن جي حڪمراني جي شروعات، خيرپور جي جاگرافي، ٽالپرن جون ٽي رياستون قائم ٿيڻ، خيرپور جا مير ۽ انهن جي حڪومت، انگريزن جا عهدناما ۽ انگريزن جو رياست تي قابض ٿيڻ کان ويندي مير علي مراد ڪان وٺي مير علي نواز ’ناز‘ تائين ميرن جو مختصر احوال قلمبند ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ رياست بابت بنيادي معلومات درج ٿيل آهي جيڪا اهم ماخذ جي حيثيت رکي ٿي. مرزا صاحب هي ڪتاب رياست جي اُن وقت جي والي مير علي نواز ’ناز‘

جي فرمائش تي لکيو ۽ مير صاحب ان کي سنه 1924ع ۾ فيض پريس خيرپور مان ڇپرايو. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو گلشن پبليڪيشن حيدرآباد پاران 2004ع ۾ ڇپرايو ويو.

**ميرن جي صاحبي:** سنڌ جي نامور عالم، اديب ۽ شاعر حڪيم فتح محمد سيوهاڻي هي ڪتاب سنه 1924ع ۾ لکيو. جنهن ۾ ميرن جي دؤر جي سماجي، مذهبي حالتن کان ويندي سياسي، قانوني ۽ معاشي حالتن بابت مختصر طور لکيو ويو آهي. ڪتاب جي ٻئي ڇاپي جو مهاڳ لکندي ناز سنائي لکيو آهي ته: 'ڪتاب تاريخي موضوع تي هئڻ کان پوءِ به اُن دؤر بابت مڪمل معلومات ڏيندڙ ناهي.' (سيوهاڻي،1989: 16) حڪيم صاحب ان وقت ۾ اُن موضوع تي لکڻ جي يقيني ڪوشش ضرور ڪئي آهي پر تحقيق جي موضوع سان نباهه نه ڪري سگهيو آهي، تنهن ڪري هي ڪتاب گهربل موضوع جي حوالي سان ڪا خاطر خواهه جاءِ نه جوڙي سگهيو. باوجود اُن جي هي ڪتاب ميرن جي حوالي سان ڪم ڪندڙن وٽ ماخذ جي حيثيت رکي ٿو. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد پاران سال 1989ع ۾ ڇپرايو ويو.

**ميراڻي سنڌڙي:** ميرن جي راڄ بابت ليفٽيننٽ آر-اين- برٽن، سيٺ نائونمل جي يادگيرن ۽ ڊاڪٽر جيمس برنس جي ڪتابن ۾ آيل مواد کي پروفيسر نارائڻ داس - ر- ملڪاڻي ترتيب ڏئي پيش ڪيو جيڪو ڪوڙو مل سنڌي ساهت منڊل حيدرآباد پاران سنه 1936ع ۾ ڇپرايو ويو.

**سنڌ جو شاهنامو يا ڪلهوڙن جي هار:** حيدرآباد جي ٽالپرن جي آخري حڪمران مير نصير خان جي وڏي پٽ مير حسن علي خان، مثنوي جي هيئت ۾ ڪلهوڙن جي هار ۽ ان جي نتيجي ۾ ٽالپرن جي حڪومت قائم ٿيڻ جو احوال پيش ڪيو آهي. هي معلومات ان خيال کان به مستند آهي جو جڏهن سنڌ تي انگريزن قبضو ڪيو ان وقت مصنف خود ويهن سالن جو هو. يقينن هي ڪتاب لکڻ وقت هن جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو اهو ويجهي دور جو هو. اُن وقت ڪيترائي اکين ڏٺا شاهد موجود هئا، خود هن پنهنجي والد توڙي خاندان جي ٻين فردن کان واقعن بابت معلومات گڏ ڪئي هوندي ته ساڳي وقت انهن سمورن حالتن جو هو خود به اکين ڏٺو شاهد هو.

فردوسي جي طرز تي لکيل سنڌ جي هن شاهنامي ۾ لڳ ڀڳ 56 ننڍا ننڍا عنوان مقرر ڪيا ويا آهن، جن ۾ تاريخ جو هي باب رقم ٿيل آهي. 'سنڌ جو شاهنامو يا ڪلهوڙن جي هار' جو اختصار غلام نبي محمد وريل ايڊووڪيٽ حيدرآباد، ترتيب ڏئي سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد پاران سنه 1938ع ۾ شايع ڪرايو.

**سنڌ جا مير:** هي ڪتاب راءِ صاحب اُڌارام چانڊومل ٿڌاڻي ۽ پرمانند ميورام جو لکيل ۽ ترتيب ڏنل آهي،جنهن کي بعد ۾ راءِ بهادر هوتچند چانڊومل ٿڌاڻي سال 1938ع ۾ موتي(اليڪٽرڪ) پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد مان شايع ڪرايو.هن ڪتاب ۾ ائن نندين عنوانن هيٺ حيدرآباد جي ميرن بابت لکيو ويو آهي. جنهن مان ميرن جي هندو دشمني واري عام تاثر کي رد ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي ٻئي حصي ۾ مياڻي جي جنگ بابت سگهڙ آنڌي مڱڻهار جي سُرندي تي ڳايل بيت پڻ شامل ڪيا ويا آهن.

**جنگِ مياڻي:** هي ڪتاب قادر بخش نظاماڻي جو تحرير ٿيل آهي،مسودي جي نظر ثاني پير حسام الدين راشدي ڪئي ۽ مهاڳ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جو لکيل آهي،ڪتاب جو سمورو مواد ستن مکيہ عنوانن ۾ ورهايل آهي،جنهن ۾ سنڌ تي انگريزن جي قبضي جو احوال ڏنو ويو آهي،آخر ۾ ضميمي ۾ مياڻي جي جنگ بعد انعام حاصل ڪندڙ ريجمينٽ،آفيسر، ٻين لاڳاپيل عملدارن جي فهرست بہ شامل ڪئي وئي آهي. ڪتاب جو پهريون ڇاپو مارچ 1947ع بلوچ ادبي سوسائٽي طرفان ۽ ٻيو ڇاپو گلشن پبليڪيشن حيدرآباد پاران 2004ع ۾ شايع ٿيو.

**فتح نامہ: ڪلهوڙا حڪومت جي آخري دور ۽ ٽالپر حڪومت جي آغاز جو احوال 120 ڪن نندين وڏن عنوانن هيٺ مثنوي جي پيرائي ۾ مير عظيم الدين ٺٽوي، مير فتح علي خان ٽالپر جي چوڻ تي سال 1199ھ ۾ لکي تيار ڪيو. جنهن کي شير محمد نظاماڻي جي تصحيح سان سنڌي ادبي بورڊ سال 1966ع ۾ شايع ڪيو.**

**سنڌ جي درٻار:** حيدرآباد جي ميرن مان مير مراد علي خان جڏهن بيمار ٿي پيو تہ انهن ڪڇ جي سفير کي خط لکي استدعا ڪئي تہ مير صاحب جي علاج خاطر ڪو ڊاڪٽر روانو ڪيو وڃي، جنهن تي ڊاڪٽر جيمس برنس سندن علاج خاطر حيدرآباد پهتو ۽ ڪجه وقت هتي رهي مير صاحب جي دوا ڪيائين، جنهن جي نتيجي ۾ مير صاحب تندرست ٿيو. هن ان دوران جيڪو ڪجه ڏٺو اهو پنهنجي فرض جي بجا آوري خاطر اعليٰ عملدارن ڏانهن لکي موڪليو. جيڪو بعد ۾ A Narrative of a visit to the Court of Sind; A sketch of the History of Kutch جي نالي سان 1931ع ۾ انگلينڊ مان شايع ٿيو. جنهن جو سنڌي ترجمو محمد حنيف صديقي، ’سنڌ جي درٻار‘ جي نالي سان ڪيو. هي ڪتاب خاص طور ميرن جي درٻار، انهن جي رهڻي ڪهڻي بابت بنيادي مواد فراهم ڪري ٿو. هي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ پاران 1964ع ۾ شايع ٿيو.

**ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري:** حيدرآباد جي ميرن؛ ڪرم علي خان ۽ علي مراد خان جي دؤر ۾ وزيراعظم رهندڙ نواب ولي محمد خان جي پوٽي نواب فقير ولي محمد خان

جي سنڌي، سرائڪي ڪلام جي ترتيب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي، جنهن جي مقدمي ۾ وزيراعظم نواب ولي محمد خان بابت لکندي ڊاڪٽر صاحب ميرن جي دربار ۽ ان دؤر جي اهم سياسي واقعن کي پڻ قلمبند ڪيو آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پاران سال 1968ع ۾ شايع ٿيو.

**يادگيريون (سيٺ نائونمل هوتچند سي - ايس - آئي):** سيٺ نائونمل، ٽالپرن جي حڪومت جي خاتمي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ هڪ اهڙو منفي ڪردار آهي جنهن پنهنجي ذاتي ضد جي سبب سنڌ تي ڌارين حڪمرانن کي قبضي ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. هي ڪتاب سندس يادگيرين تي آڌاريل آهي، جنهن ۾ پيش ڪيل مواد ٽالپرن جي حڪومت جي زوال واري باب جو هڪ اهم ماخذ آهي. اصل ڪتاب انگريزي ۾ 1915ع ۾ شايع ٿيو جنهن جو سنڌي ترجمو محمد حنيف صديقي ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ سال 1968ع ۾ ان کي ڇپرايو.

**ڪُليات سانگي:** حيدرآباد جي آخري ٽالپر حڪمران مير نصير خان جي پوٽي مير عبدالحسين خان سانگيءَ جي ڪلام جو هي مجموعو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ترتيب ڏئي مٿس هڪ تفصيلي مقدمو لکيو جنهن ۾ ٽالپرن جي حڪومت جي زوال بعد قيد ٿي ڪلڪتي پهتل ٽالپرن بابت پڻ مختلف جاين تي مواد ملي ٿو خاص طور مير سانگيءَ جي ننڍپڻ، جواني، تعليم ۽ تربيت بابت احوال درج آهي، جيڪو پڻ ان موضوع جي حوالي سان گهڻو ڪار آمد آهي. ’ڪُليات سانگي‘، سنڌي ادبي بورڊ پاران سنه 1969ع ۾ شايع ٿيو.

*سندھ کے تالپور حکمران (جلد اول)* : هي ڪتاب اردو ۾ سرائڪي زبان جي نامور عالم ۽ محقق مولانا نور احمد خان فريدي لکيو جنهن ۾ ميرن بابت گهڻو تحقيقي مواد شامل آهي ته گڏوگڏ ميرن جون تاريخي تصويرون ۽ ان دؤر جي سنڌ جو نقشو پڻ ڪتاب ۾ شامل آهي. ٽالپرن بابت هي بنيادي ڪتاب آهي جنهن ۾ شامل مواد گهڻي ڀاڱي شڪ کان بچيل آهي، ته ساڳي وقت موضوع سان نباهه ڪندي مولانا صاحب واقعن جي ترتيب پڻ مناسب بيهاري آهي. هي ڪتاب قصر الادب، رائيٽرس ڪالوني ملتان پاران 1984ع ۾ شايع ٿيو.

**حيدرآباد شهر (ٽالپرن جي دؤر ۾):** هي ڪتاب سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي استاد پروفيسر ڊاڪٽر قمر جهان مرزا جي پي - ايچ - ڊي ٿيسز جو هڪ حصو آهي، جيڪو 1987ع ۾ شايع ٿيو. حيدرآباد جي ميرن متعلق هن ڪتاب ۾ چار باب هرهڪ: حيدرآباد شهر جو تاريخي پس منظر ۽ جاگرافي، ٽالپرن جي حسب نسب جي مختصر تاريخ، ٽالپر حاڪمن ۽ شهزادن جي مختصر سوانح حيات، ٽالپرن جي دؤر ۾ ملڪي انتظام ۽ حيدرآباد شهر جي اقتصادي حالت شامل آهن. جنهن ۾ ميرن متعلق معلومات مختلف ماخذن مان ورتل آهي.

*اميران تالپور کے علمی کارنامے:* هي ڪتاب پنهنجي عنوان مان ئي ظاهر آهي. حيدرآباد جي ميرن جي علمي شوق، ذوق بابت هن تحقيق ۾ مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي وڏي جاکوڙ کان پوءِ مستند ۽ جاڻ ڏيندڙ مواد شامل ڪيو آهي. جنهن ۾ مير بادشاهن توڙي شهزادن ۽ شهزادين جي علم دوستي، شاعري، ڪُتب خانن ۽ تصنيفن جو ذڪر ڪندي سندن محفل ۾ شامل رهندڙ شاعرن ۽ اديبن جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي. هي سمورو مواد موضوع جي حوالي سان نهايت ڪارائتو آهي، جيڪو گهڻي جاڻ مهيا ڪري ٿو. هي تحقيق قسط وار مضمون جي صورت ۾ سنڌي زبان ۾ شايع ٿي، جنهن کي پروفيسر رحمت فرخ آبادي ترتيب ڏئي اردو ۾ ترجمو ڪيو ۽ آل پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچي سال 1988ع ۾ ڇپرايو.

**بزم تالپر:** مرزا علي متقي بيگ جي لکيل هن ڪتاب ۾ حيدرآباد جي ميرن جي علمي، ادبي خدمتن ۽ انهن جي محفل ۾ رهندڙ شاعرن بابت سوانحي نوعيت جو مواد شامل آهي. جنهن جي پهرئين حصي ۾ سترهن ميرن ۽ بہ انهن جي ديرن جو تذڪرو ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ ٻئي حصي ۾ ميرن جي محفل ۾ رهندڙ ڇٽيهہ شاعرن جو ذڪر آندو ويو آهي. هي مواد موضوع جي حوالي سان ڪارائتو آهي. 'بزم تالپر 'ڪتاب دانش پبليڪيشن حيدرآباد طرفان سال 2005ع ۾ شايع ٿيو.

هنن چند ڪتابن کان سواءِ انگريز حڪمرانن جو رپورٽون بہ ان حوالي سان ڪارگر آهن، پر اهو سمورو مواد ميرن جي سياسي حڪمت عملي ۽ حڪومتي زوال بابت آهي. هنن ڪتابن جي تعارف کان پوءِ هت ڊاڪٽر عطا محمد 'حامي' جي خيرپور جي ميرن بابت تحقيق جو مطالعو ڪنداسين تہ هن اُن موضوع کي ڪهڙي منفرد انداز سان پيش ڪيو آهي.

## تجزيو:

**خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو:** حامي صاحب جي هي تحقيق پندرهن بابن ۽ ٻن ضميمن تي مشتمل آهي، جنهن ۾خيرپور جي ميرن جي حوالي سان گهڻي کان گهڻو نئون مواد شامل ڪيو ويو آهي. هنن صفحن ۾ هن تحقيق جو باب وار مطالعو ڪنداسين تہ جيئن هن موضوع تي لکيل ۽ اڳ ذڪر ڪيل ڪتابن ۽ هن کوجنا جي اهميت ۽ دائري ڪار کان واقف ٿي سگهون.

**باب پهريون:** خيرپور جي جاگرافي: هي هڪ مڪمل باب آهي جنهن ۾ رياست ۽ ضلعي جي حيثيت رکندڙ خيرپور جي پکيڙ، ايراضي، حدن سميت اتان جي معيشت جي سرپرستي بابت مڪمل انگن اکرن سان مفصل انداز ۾ لکيو ويو آهي. جنهن مطابق طبعي حوالي سان هي علائقو مختلف حصن هرهڪ: آباد ۽ زرخيز، غير آباد ۽ ريگستاني، ٻيلن ۽ ٽڪرين وارن علائقن ۾ ورهايل آهي. هتان جي ڇهن ضلعن جي 396 ديهن جي ڪُل

آدمشماري سنه 1976ع ۾ 717373 هئي. اهڙي ريت هتي آباد مختلف قبيلن ۽ ذاتين جي به ذڪر سان گڏ آبهوا جو به ذڪر ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح انتظامي حصن ۾ خيرپور سب ڊويزن جي مڪمل تعلقن ۽ ان ۾ موجود ديهن جي ذڪر سان گڏ ميرن جي يادگار ۽ تفريح گاهن جو به ذڪر ڪيو ويو آهي. باب جي خاص ڳالهه اها به آهي ته سنه 1976ع تائين خيرپور جي تعليمي ادارن جا انگ اکر ڏنا ويا آهن. جنهن موجب:

**ابتدائي تعليم:** پرائمري اسڪول 80، ايليمينٽري اسڪول 6، اي پي ڪلاس 17.

**وچولي تعليم:** مڊل اسڪول 40، نئشنلائيزڊ مڊل اسڪول 7.

**ثانوي تعليم:** هاءِ اسڪول 17، ڪمپرهينسو هاءِ اسڪول 1، گرلز هاءِ اسڪول 1.

**اعليٰ تعليم:** ڊگري ڪاليج 4، ڪاليج آف ٽيڪنالاجي 1، ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ 2. **تربيتي ادارا:** ٽريننگ ڪاليج فارمين 1، ٽريننگ ڪاليج فار وومين 1، مرڪز توسيع تعليم '1. (حامي،25:1994)

ساڳي طرح 15 مدرسن جو به ذڪر ڪيو ويو آهي.

خيرپور جي معاشي سرشتي جو بهترين انداز سان ذڪر ڪيو ويو آهي.هتان جا ڪارخانا، آمدرفت جا ذريعا، سنڌوندي ۽ ان جا وهڪرا، واهه، ڦاٽ، ڍنڍون، آبپاشي نظام، شاخون، فصل، گل، ميوا، ڀاڄيون، معدني پيدائش، ٻيلا، جانور، پکي، جيتن تائين جو مفصل ذڪر نهايت محققانه انداز ۾ ذميواري سان ڪيو آهي. جنهن سان هن علائقي جي هڪ مڪمل تاريخ سامهون اچي ٿي. هي باب بنيادي طرح حامي صاحب اهڙي ريت لکيو آهي جنهن جا سِرا سموري ڪتاب ۾ هنڌ هنڌ تي پکڙيل نظر ايندا. ڇاڪاڻ جو جنهن به خطي، علائقي جو معاشي ۽ تعليمي نظام بهتر هوندو اهو علائقو نه رڳو زرخيز هوندو پر اتان جا ماڻهو ذهني ۽ جسماني طور تي صحتمند، سُلجهيل، امن پسند ۽ خوشحال هوندا. ڪتاب جي ٻين بابن ۾ اسان کي هن خطي جي ماڻهن جي خوشحالي جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

**باب ٻيو:** خيرپور جو تعارف ۽ قديم آثار: هن عنوان هيٺ ٽيوبهن قديم آثارن بابت اڄ کان 45 سال اڳ معلومات گڏ ڪئي وئي. ان دور ۾ انهن قديم آثارن مان گهڻن بابت ڪا خاص ڄاڻ نه هئي، حامي صاحب هڪ تاريخدان ۽ قديم آثارن جي ماهر طور جيڪا معلومات پيش ڪري ٿو اها هن علائقي ۾ ان حوالي سان عملي طور کوج ڪندڙ جي لاءِ بنيادي ماخذ جي حيثيت رکي ٿي.

انهن آثارن ۾ ڏيجيءَ جو دڙو سيراج جي ٽڪري، ناروءَ وارو دڙو ليلا جا آتڻ، اٽراهه جي پٽي، ابل ويسر وارو دڙو درن جي پيرن وارو دڙو باغو ڊورو وارو دڙو لهيري وارو دڙو ڳاڙو پڙو علي اصحابو وارو دڙو ٽاريءَ وارو ٽيڪرائو شهيدن وارو ٽيڪرائو ستهه وارو دڙو پٽ وارو پڙو،

وستڙن جي پٽ، درگا جو دڙو ٻوهي وارو پڙو، لاڪرنڊ، ترائي وارو دڙو، سانٺ وارو دڙو، پاٽيءَ وارو پڙو، گرهر جو ڪوٽ، مامڙيءَ ۾ ڪرنجڙي جا ڪوٽ ۽ شير شاهه جا مسافر خانا شامل آهن.

هنن بابت لکندي 'حامي' تاريخ جا ڪي نشان به چٽا ڪيا آهن. مثال طور شير شاهه جا مسافر خانا ۾ نادر شاهه 'افشار' جي ڪيل منزل واري جاءِ بابت لکي ٿو ته:

'ديهه سينارجا تعلقي ميرواهه ۾ پنيرن جي ڳوٺ ڏانهن ويندي هڪ پراڻو پپر نظر ايندو، جنهن متعلق چيو ويجي ٿو ته ان جي هيٺيان نادر شاهه ايراني منزل ڪئي هئي. ان ڏينهن کان وٺي انهيءَ پپر کي 'سماج وارو پپر' سڏيندا آهن. ان پپر جي اتر ۾ سڏ کن پنڌ تي هڪ دڙو آهي، جنهن کي شير شاهه جا مسافر خانا سڏيو وڃي ٿو. اهو دڙو پراڻي شاهراهه عرف تار واري سڙڪ جي ڪناري تي آهي.'(حامي،56:1994)

**باب ٽيون:** تالپرن جو حسب نسب ۽ اوائلي احوال: هن عنوان هيٺ ميرن جي اصل نسل بابت ڄاڻ ڏيندي انهن کي بلوچن جي هوت قبيلي مان ثابت ڪيو ويو آهي، جنهن جي شاهدي طور 14 مختلف قلمي شجرن جا حوالا پڻ ضميمي ۾ آندل آهن. ان لاءِ حامي صاحب کي يقينن وڏا ڪشالا ڪاڻا پيا هوندا، تنهن کان پوءِ ڪيس ميرن بابت ايترا قلمي شجرا هٿ آيا. هن باب ۾ ان کان سواءِ ميرن تي تالپر لقب پوڻ ۽ انهن جا پاڙا ۽ جتي جتي به رهيا يا حڪومت ڪيائون اتان جو ذڪر ڪندي هن وقت جتي جتي تالپر آباد آهن انهن ماڳن مڪانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ته ان سان گڏ 'اوائلي احوال ۽ مشاهير' واري عنوان هيٺ سنڌ جي سياسي وايي منڊل ۾ ڪلهوڙا دور کان وٺي تالپرن جي ڪردار ۽ پوءِ 1783ع ۾ حڪومت قائم ڪرڻ تائين جي خيرپور سان تعلق رکندڙ ميرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

**باب چوٿون:** تالپرن جي سياسي تاريخ ۽ ان ۾ خيرپور جي ميرن جو حصو: هن باب ۾ نوس ماخذن جي بنياد تي سنڌ اندر ڪلهوڙا دور کان تالپرن جي فوجي ڪردار ۽ ان جي نتيجي ۾ ادا ڪيل سياسي ڪردار کان ويندي سنڌ جي تالپرن جي حڪومت جي آغاز ۽ سنڌ کي ٽن رياستن ۾ تبديل ڪرڻ ۽ ميرن جي حڪومت جي زوال تائين جو احوال گهڻي ڀاڱي مستند انداز ۾ لکيو ويو آهي. مياڻي جي جنگ ۾ انگريزن پاران پنهنجي فوجين بابت ظاهر ڪيل انگ اکرن بابت حامي صاحب انهن کي رد ڏيندي لکي ٿو ته:

'23 آگسٽ 1849ع جي گورنمينٽ گزيٽ بمبئي ۾ جي - جي - او نمبر 435 ۾ ڏيڪاريل انعام وٺندڙ فوجين جو تعداد ئي 4731 آهي، تڏهن اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اصل فوج جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ به ساڍن پنجن هزارن ۽ ڇهن هزارن جي وچ ۾ ضرور هوندو. ميرن جو لشڪر

ٻہ وڌ ۾ وڌ ايترو ئي هو. ڇو جو هنن کي جنگ ڪرڻ ۽ لشڪر ڪشي ڪرڻ جو ارادو ئي ڪونہ هو. هتي صرف اهي ٻروچ هئا، جيڪي ميرن جي سڏ ڪان سواءِ پاڻ اچي ڪٺا ٿيا هئا، اها جنگ نيپئر هٺ ڌرمي ڪري مٿن اوچتي مڙهي هئي.

مياڻيءَ جي جنگ ۾ انگريزن ۽ ميرن جي لشڪر متعلق عام تاريخن ۾ غلط بياني ٿيل آهي تہ انگريزن جي فوج فقط ستاويهہ سؤ هئي ۽ بلوچ لشڪر ٻاويهہ هزار يا ٽيهہ هزار هو. اهو وڏاءُ نيپئر ۽ سندس ساٿين رڳو پنهنجي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيو هو. انگريزي فوج جي انداز بابت نيپئر جي ڀاءُ وليم نيپئر اڳ ۾ سترهن سون جو انگ ڏنو هو پر جڏهن جنگ ۾ موجود ڪيترن انگريزن لشڪر جو وڌيڪ انداز ظاهر ڪيو تڏهن سترهن سون مان ڦيرائي اٺاويهہ سؤ ظاهر ڪيائين. جيتوڻيڪ اهو تعداد بہ گهٽ ڏنل آهي'.(حامي,1994: 5 104)

چارلس نيپئر شاطر دماغ فوجي هو هن پنهنجي حڪومت سان هر نموني وفاداري نڀائي. ان حوالي سان ڊاڪٽر عطا محمد 'حامي'، چارلس نيپئر جي جيڪا ڊائري پيش ڪئي آهي، ان مان ڪجھ حصا پيش ڪرڻ دلچسپي جو ڪارڻ ٿيندا. لکي ٿو تہ :

چارلس نيپئر پاڻ پنهنجي ڊائري ۾ ڪيترا ئي دفعا قبول ڪيو آهي تہ:

- اسان پاڻ ڏاڙيل آهيون، پر ڏاڙو قاعدي سان هڻندا آهيون.
- مير ظالم آهن ۽ اسان بہ ظالم آهيون، هنن کي اسان جو حڪم مڃڻو پوندو.
- اسان پاڻ عهدنامن جي ڀڃڪڙي ڪندا آهيون، پر ان جو اهو سبب ناهي تہ ٻيا بہ ڀڃڪڙي ڪن.
- اسان کي مجبوريءَ واري حالت ۾ 'جيڪو ڏاڍو سو گابو' وارو اصول اختيار ڪرڻو پوندو.
- اسان لاءِ رئيس اهڙو هئڻ گهرجي، جيڪو اسان جي رحم و ڪرم تي هجي ۽ اسان جي غلامي ڏئي.
- اسان کي سنڌ کسڻ جو ڪو حق ناهي، پر ان هوندي بہ اسان سنڌ ضرور کسينداسين. جيتوڻيڪ اهو هڪ وڏو بداخلاقي ۽ بدڪرداريءَ وارو قدم ٿيندو' (حامي,1994: 94_110).

**باب پنجون:** <u>خيرپور جا حڪمران</u>: هن عنوان هيٺ رياست جي پهرئين حڪمران مير سهراب خان کان وٺندي سنہ 1955ع تائين قائم رهندڙ رياست جي انن حڪمرانن مير سهراب خان، مير رستم خان، مير علي مُراد خان،مير فيض محمد اول، مير امام بخش خان،مير علي نواز

خان،مير فيض محمد خان ثاني ۽ مير علي مراد ثاني جو احوال، انهن جي دور جي اهم واقعن، سياسي ماحول، اقتصادي،تعليمي سُڌارن ۽ ميرن جي فتوحاتن، سياءُ،عادتن، ملڪي انتظام،توڙي حڪومتي ڪاروهنوار بابت جامع انداز سان لکيو ويو آهي.

**باب ڇهون:** خيرپوري ٽالپرن جو ملڪي نظام: هن باب ۾ جيڪي نئيا نئيا عنوان قائم ڪيا ويا آهن، انهن مان هن باب جي اهميت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. اهڙن عنوانن ۾:

- **معاشرو:** (الف) جاگيردار (ب) زميندار (ت) ڪاشتگار (ث) پاڳيا ۽ مالدار (ج) واپاري (ح) عامل (خ) ڪاسبي(د) فنڪار (ذ) گهريلو هنرن وارا (ر) مزدور (ز) پير، فقير ۽ عالم (س) ٻانها ۽ غلام (ش) بيڪار(گداگر).
- **حڪومت جو انتظام:** (الف) سزاولڪار ۽ ڪاردار (ب) ڪوتوال (پ) فوج (ث) عدالت (ج) راڄ (ح) سزا (ذ) آمدني (ر) بٽائي (ز) ڇيڙ (س) اڙد (ش) ميرن جا سڪا (ص) ميرن جون سجعون.

**باب ستون:** خيرپور جي ٽالپرن جو ادب، تعليم ۽ تدريس ۾ حصو: هي باب مکيہ ٻن حصن ۾ ورهايل آهي: (الف) ادب ۾ حصو (ب) تعليم ۽ تدريس ۾ حصو. پهرئين حصي ۾ پهريون پيرو ميرن جي شاعري جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن کان اڳ ميرن جي سياسي حالتن بابت تہ لکيو ويو آهي پر مير شهزادن جي ڪيل شاعري ۽ علم ادب جي آبياري ۾ ادا ڪيل ڪردارکي مختلف حوالن سان ظاهر ڪيو ويو آهي.حامي اُن بابت لکي ٿو:

’حيدرآباد ۽ ميرپور خاص جي ميرن وانگر خيرپور جي ميرن کي بہ ادب سان دلچسپي هوندي هئي. شڪار ۽ راڳ کان پوءِ شعروشاعري ادبي ڪتابن جو مطالعو سندن محبوب مشغلو هوندو هو. وڏا عالم،اديب ۽ شاعر سندن درٻارسان منسلڪ هوندا هئا. وٽن علم ادب جو ڇهڇٽو لڳو پيو هوندو هو‘.(حامي 152:1994)

ٻئي حصي ۾ رياست جي قائم ٿيڻ کان وٺي ختم ٿيڻ تائين، ان ۾ قائم تعليمي ادارن جو تفصيل مڪمل انگن اکرن سان ڏيکاريو ويو آهي. ’جنهن موجب سنہ 1894-95ع کان 1955ع تائين تعليمي ادارن جو تعداد لڳ ڀڳ هڪ هزار کن ۽ انهن ۾ پڙهندڙ شاگردن جو تعداد 209246 رهيو، اُن کان سواءِ مير فيض محمد خان،مير امام بخش خان ۽ مير علي مُراد خان ثاني جي دور ۾ سنڌ توڙي پاڪستان جي ڪيترن ئي تعليمي ۽ علمي ادبي ادارن جي رياست طرفان ساليانہ گرانٽ ڏني ويندي هئي‘(حامي 9:1994 _183). هنن انگن اکرن مان رياست جي بهتر تعليمي صورتحال جي ڄاڻ ملي ٿي.

**باب اٺون:** ميرن جي تهذيب ۽ تمدن جو مطالعو: هي باب ڏاڍو دلچسپ آهي، ڇاڪاڻ جو هن ۾ ميرن جي گهريلو زندگي بابت نهايت نئون نڪور مواد ڪٺو ڪيو ويو آهي. انهن جي روزمرہ

جي زندگي، کاڌ خوراڪ، مجلس، محفل، مهمان نوازي، شادي، غمي، ڄمر جون ريتون رسمون، رواج، سوڻ ساڻ، زيور، لباس، رهڻي ڪهڻي، تعميرات، شڪار (شڪارگاهن ۾ رهندڙ جانورن) ڪاريگر ۽ ميرن جي استعمال جي فرنيچر بابت پڻ حامي صاحب سٺو مواد پيش ڪيو آهي. جيڪو بنهه نئون آهي، جيڪو ان خاندان جي مختلف فردن کان ڳالهه ٻولهه جي ذريعي ڪٺو ڪيو ويو آهي شادي جي احوال ۾ ٻُڪي جي رسم بابت لکي ٿو ته:

> ٻُڪي وقت گهوٽ کي اندر سڏبو آهي. هن کي پيءُ يا وڏو ڀاءُ ڳانو ٻڌندو آهي ۽ پيڻ ميندي لائيندي اٿس. گهوٽ کي ڪنواريتن طرفان ڪپڙا ملندا آهن، جن کي چنگ يا ڪپڙا سڏبو آهي. اهي ڪپڙا هٿ جا سبيل صرف ٽوپا ڏنل هوندا آهن. هنن ۾ قينچي استعمال نه ٿيندي آهي. اهي ڪپڙا هڪڙي رومال ۾ ٻڌي ڏبا آهن. هڪ ڏگهو کهنبي جو ڪپڙو هوندو آهي، جنهن جو اڌ گوڏ طور استعمال ٿيندو آهي ۽ اڌ لڱن کي ويڙهيو ويندو آهي. گوڏ واري حصي کي پيچوڙي ۽ لڱن واري حصي کي پنيوڙي سڏبو آهي. پڳ گلابي ڪپڙي جي ۽ جُتي بناتي هوندي آهي. کهنبو ۽ بوڇڻي گڏي پڳ جي مٿان ٻڌبا آهن، جنهن کي ٻٽ چئبو آهي. ان ٻٽ جي مٿان موڙ يا سهرا ٻڌبا آهن. پوءِ گهوٽ کي ڪوٽ جي ٻاهرين دروازي تي آڻيندا آهن، جنهن کي وڪڙ سڏبو آهي. اتي گهوٽ کي پيڻ کير پياريندي آهي ۽ گهوٽ، پيڻ کي هڪ سؤ رپيا ۽ مڱڻهارن کي هڪ سؤ ٽڪا ڏيندو آهي'.
> (حامي، 213:1994)

اهڙي طرح ٻين رسمن، رواجن، سوڻ، ساڻ بابت پڻ مواد دلچسپ به آهي ته ڄاڻ ڏيندڙ پڻ. ساڳي ريت تعميرات واري عنوان هيٺ مختلف قلعن، جاين، مقبرن جي ذڪر سان گڏ سنه 1895ع کان 1918ع تائين ٿيل تعميرات جو تفصيل سال وار ڏنل آهي ۽ اهو پڻ ڄاڻايل آهي ته ڪهڙي عمارت تي ڪيترو خرچ ٿيو آهي ۽ اُن کان سواءِ راڳ، ساز، هنرن، ڪاريگرن جو به ذڪر ڪيو ويو آهي.

**باب نائون:** <u>سنڌي ٻوليءَ ۾ خيرپوري لهجو</u>: هي باب نهايت ڪارائتو آهي، ڇاڪاڻ جو منجهس سنڌي ٻولي جي اترادي لهجي، سرائڪي جي اثر، ميرن سان لاڳاپيل ۽ رائج ٿيل محاورا ۽ پهاڪا ۽ خيرپور ۾ رائج خاص لفظ ۽ ميرن جي ڪاڌن، فرنيچر، شڪار گاهن ۽ رياست جي ديهن جا نالا پڻ ڏنا ويا آهن. حامي صاحب ٻولي جي ماهر جي حيثيت ۾ ڄڻ هي باب لکيو آهي. خيرپور جي لهجي جو لساني حوالي سان اڀياس پيش ڪندي دراوڙي، ترڪي، سنسڪرت، پالي، فارسي، يوناني، پورچگيزي ۽ انگريزي زبانن جي اهڙن مختلف لفظن جا

چارٽ بہ ڏنا ويا آهن. جيڪي لفظ ڦير گهير سان سنڌي خاص طور خيرپوري لهجي ۾ داخل ٿي چڪا آهن. تہ ساڳي وقت ۾ خيرپوري لهجي جا مخصوص لفظ جيڪي ڦير گهير سان عربي، پشتو ۽ ڪڇي زبانن جي محاورن ۾ ملن ٿا، انهن جون بہ جدا جدا صورتون هن باب ۾ شامل ڪيون ويون آهن.

**باب ڏهون:** ميرن بابت لطيفا: هن سِري هيٺ ميرن جي دربار توڙي روزمرهہ ۾ ٿيندڙ ڪن اهم زباني ڪلام جا نمونا پيش ڪيا ويا آهن. جيڪي دلچسپ بہ آهن تہ ميرن جيِ مزاح واري طبيعت کي پڻ ظاهر ڪن ٿا. حامي صاحب لکي ٿو تہ:

> 'هڪ دفعي مير علي مراد خان هڪ ماڻهوءَ کي ڪوٽ تي چاڙهيومجرم جي ماءُ، سيد محمد شاهہ مست کي مير صاحب کان پُٽ جي آزاد ڪرائڻ لاءِ عرض ڪيو. محمد شاهہ ڏينهن جو هڪ بتي ٻاري مير صاحب وٽ آيو، مير صاحب هن کان ڏينهن ڏني جو بتي ٻارڻ جو سبب پڇيو. جنهن تي سيد جواب ڏنو تہ: 'مون بتي ان لاءِ آندي آهي تہ جيئن اوهان مونکي ڏسي ۽ سڃاڻي سگهو'. مير صاحب اهو جواب ٻڌي کلي ڏنو ۽ مجرم کي آزاد ڪيو.
>
> هڪ دفعي مير علي مراد خان محافي تي چڙهيو ٽنڊو مستي خان جي طرف ٿي ويو. رستي تان ايندڙ ۽ ويندڙ سمورا ماڻهو پري هٽندا پئي ويا، مگر هڪڙو ماڻهو عطر فقير نالي پري نہ ٿيو. مير صاحب محافو جهلرائي عطر فقير کان پڇيو تہ: 'تنهنجو نالو ڇا آهي؟' هن چيو تہ: 'مان عطر آهيان'. مير صاحب مذاق ڪري چيو تہ: 'مون کي عطر جي خوشبوءِ نٿي اچي'. عطر فقير بہ مذاق طور ورندي ڏني: 'سرڪار کي نڪ ئي ڪونهي تہ پوءِ خوشبوءِ ڪٿان ايندي؟' مير صاحب، عطر جي ڳالهہ تي ڪاوڙجڻ جي بدران خوش ٿيو ۽ فقير کي انعام ڏنائين.'(حامي، 1994 5:302).

**باب يارهون:** ميرن جو گهريلو لوڪ ادب: هن عنوان هيٺ ميرن جي گهرن / ڏيڍين ۾ شادين مرادين جي موقعن تي مخصوص قسم جا لاڏا، گيت وغيره ڳايا ويندا آهن. عام لاڏن ۽ ميرن جي هنن لاڏن ۾ فرق آهي، جنهن بابت حامي صاحب لکي ٿو تہ:

> 'سندن ڏيڍين تي شادي مرادي جي موقعن وقت مخصوص قسمن جا گيت ۽ لاڏا ڳايا ويندا هئا. ميرن جا اهي گيت ۽ لاڏا عام سنڌي لوڪ گيتن وانگر آهن، مگر انهن ۾ بلوچي روايتن جو ذڪر زياده هوندو آهي. بهادري، مهمان نوازي، رواداري، حسب نسب تي فخر ڪرڻ، گيت ۾

حاڪميت جو عڪس شامل هوندو آهي، جنهن مان سندن اعليٰ نصب العين جي جهلڪ نظر ايندي آهي. انهن جي برعڪس عام سنڌي گيتن ۾ لاڏن ۾ حاڪميت جو تصور ۽ قومي برتري جو احساس ڪونه هوندو آهي. هنن ۾ عام دعائيه ڪلما هوندا آهن، جن ۾ پيار، محبت ۽ انسان ذات جي بهتري جو بيان ڪيو ويندو آهي. عام سنڌي گيتن ۽ ميرن جي گيتن ۾ پنهي ۾ مزاحيه رنگ هڪ جهڙو هوندو آهي.' (حامي، 307:1994)

اهڙن گيتن ۽ لاڏن ۾ ڪوڏاڪا، هالو، سريهڙو، سرور، ڪامڻ، سانجهي، جهنبڙو ۽ اوسارا شامل آهن، جن ۾ ڪافي رس چس، رنگيني ۽ رواني موجود آهي، حامي صاحب هڪ ذميورا محقق جي حيثيت ۾ اهي سمورا لاڏا ۽ گيت مختلف ميرن جي گهران لکرائي هٿ پيش ڪيا آهن، جيڪا محنت هر حال ۾ قابل قبول آهي.

**باب ٻارهون:** مشاهير خيرپور: هن سِري هيٺ خيرپور جي ميرن، رياست جي وزيرن ۽ ديوانن جو سوانحي مواد شامل ڪيو ويو آهي. وزيرن جو تعداد گهٽ محسوس ٿئي ٿو. جيئن نائب وزير يا ٻين رياست جي مکيه ماڻهن جو ذڪر موجود ناهي.

**باب تيرهون:** فوجي سردار ۽ سرائي: هي باب مکيه ٻن حصن ۾ ورهايل نظر اچي ٿو. پهرئين حصي ۾ ٽالپرن جي فوج ۾ شامل مختلف قبيلن جهڙوڪ: مري، چانڊيا، ڪهيري، رند، بگٽين وغيره جي خاص خاص فوجي پهلوانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ٻئي حصي ۾ راڄ جي چڱن مڙسن يعني سرائين جو تعارف ڏنو ويو آهي.

**باب چوڏهون:** مخدوم، قاضي، عالم: هي باب عنوان مان ظاهر آهي ته ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. جنهن ۾ کُهڙن ۽ ڪوٽڙي ڪبير جا مخدوم، لقمان، ٽالپر وڏا، سينارجا، ڪوٽ ڏيجي، راڻيپور جا قاضي، سادات باره، مهيسر، مرزا ۽ آخوند چنو چاهڙو جا خاندان ۽ رياست جي مکيه ديني عالمن بابت اهم ۽ بنيادي معلومات درج ڪئي وئي آهي.

**باب پندرهون:** پير، فقير ۽ شاعر: هن باب ۾ رياست جي حدن اندر مختلف پيرن، فقيرن ۽ صوفي شاعرن جو تذڪرو ڪيو ويو آهي، جن ۾ کُهڙا، گنبٽ، راڻيپور، چوڏاهو تجل، درازا، ڪنڊڙي، ڏٻ مهر شاهه، هالاڻي، دونهين، ڏانوري وغيره جا پير شامل آهن. هن باب ۾ پيش ڪيل معلومات پڻ حامي صاحب جي ذاتي تحقيق جو نتيجو آهي.

ڪتاب جي آخر ۾ ٻه ضميما به شامل ڪيا ويا آهن. پهرئين ۾ ميرن جا شجرا ۽ ٻئي ۾ ميرن جو چونڊ ڪلام شامل آهي. هن سموري مقالي جا ماخذ 260 سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتاب ۽ آفيس رڪارڊ ۽ 149 راوي آهن. جن جي روايتن مان اسان جي هن محقق چڱو فائدو حاصل ڪيو آهي.

## نتيجا:

ڊاڪٽر عطا محمد ’حامي‘ ادب ۾ هڪ ئي وقت تي ٽن مختلف شعبن ڏانهن توجه ڏنو. شاعري، ترجمو ۽ تحقيق. هن انهن ٽنهي سان خوب نباهيو. اسان مٿي سندس خيرپور جي ميرن تي ڪيل تحقيق جو اڀياس ڪيو آهي ته گڏوگڏ هن ڪان پهرئين يا پوءِ ميرن بابت جيڪو مواد ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو آهي ان جو به ذڪر اڳ ڪري آيا آهيون. ان بنياد تي اها ڳالهه چٽي سگهجي ٿي ته: حامي صاحب جي تحقيق جامع، مفصل، مستند گهڻ رخي آهي، جيڪا موضوع کي ڀرپور انداز سان پيش ڪري ٿي، ته ساڳي وقت هن تحقيق ۾ ٻولي سادي، نج ۽ آسان استعمال ڪئي وئي آهي، جنهن سان پڙهندڙ کي ڪا به رنڊڪ نٿي ٿئي. هن اڀياس جي نتيجي ۾ جيڪي نتيجا سامهون آيا آهن سي هن ريت آهن:

- حامي صاحب جنهن دور تي لکڻ چاهيو آهي ان جو مڪمل احاطو ڪيو ويو آهي ۽ ڪامياب محقق طور هن جي دسترس ڪان تحقيق جو ڪوبه پاسو يا پهلو رهجي نه ويو آهي. هن ان حوالي سان پنهنجي تحقيقي ۽ تخليقي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو آهي.
- پيش ڪيل مواد ڪنهن به تضاد جو شڪار نه آهي ۽ نه ئي منجهس واقعن جي ترتيب ۾ ڪو مونجهارو آهي. تمام سليقي سان مواد کي اهڙي ريت ته ترتيب هيٺ آڻڻ کان پوءِ پيش ڪيو ويو آهي، جو هر باب جو ٻئي باب سان هڪ فڪري تسلسل قائم ٿيل ڏسجي ٿو.
- تحقيق هيٺ آيل موضوع گهڻو وسيع آهي، ان کي پيش ڪرڻ هر طرح ڏکيو عمل هو، پر محترم محقق ان ڏس ۾ خوب ڪان خوب نباهيندي منجهس ڪيتروئي نئون ۽ دلچسپ مواد غير جانبداري سان پيش ڪيو آهي.
- تحقيق جي سمورن طريقي ڪارن، مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي جي بنياد تي هن تحقيق لاءِ مواد ڪٺو ڪيو ويو، جنهن جو اندازو آخر ۾ ڏنل ببلوگرافي مان چڱي ريت معلوم ٿئي ٿو.
- ميرن بابت اڳ يا پوءِ شايع ٿيل تحقيق ڪان هي تحقيق وڌيڪ ملهائتي، جامع، نواڻ سان ڀرپور آهي.
- هن ڪوجنائي پورهئي جي بنياد تي چٽي سگهجي ٿو ته ڪنهن به موضوع تي ڪوجنا ڪرڻ کان اڳ هن تحقيقي مواد کي ڏسڻ بيحد ضروري آهي ته خبر پئجي سگهي ته ڪهڙي ريت ڪنهن به موضوع کي جامع انداز سان مڪمل ڪري سگهجي ٿو.

## حوالا:


1. حداد، محمد علي،(مرتب)، (1986)، حاميءَ جو ڪلام،حامي يادگار ڪميٽي، خيرپور ميرس.
2. سيوهاڻي، فتح محمد حڪيم،(1989)، ميرن جي صاحبي، (ڇاپو ٻيو)، سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد.
3. حامي، عطا محمد ڊاڪٽر، (1994)، خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.